Masjid kay Aadab

# مسجد جا آداب

هفتيوار سُنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنتن ڀريو بيان



اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# مسجد جا آداب

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪريو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرودِ پاڪ جي فضيلت

حضرت سَيِّدُنا ابُودَرداء رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان رِوايت آهي تہ مني مني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اِرشاد فرمايو: جيڪو شَخص صُبح ۽ شام مون تي ڏھ ڏھ (10،10) ڀيرا دُرُود شريف پڙهندو قِيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ضرور ملندي.

(الترغيب والترہيب،كتاب النوافل،الترغيب فی آيات ...الخ،٣١٢/١، حديث:٩٩١)

چارهٔ بے چارگاں پر ہوں دُرُودیں صَد ہزار
بےکسوں کے حامی و غمخوار پرلاکھوں سَلام

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري ونون ٿا.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الکبیر،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذکُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ڪرڻ جون نِيّتون

آئون به نِيّت ڪريان ٿو ❁ الله جي رِضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 **سورة النحل** آيت نمبر 125: اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ وَ الْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ



www.dawateislami.net

”ترجمو کنزالایمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجھ ۽ چڱي نصيحت سان“ ۽ بخاري شريف (حديث:4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوْا عَنِّيْ وَلَوْ آيَة يعني ”منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي“ ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّھ رکندس يعني پنهنجي علميت جو ڌاڪو ويهارڻ مقصود ٿيو تہ ڳالهائڻ کان بچندس ❁ مَدَني قافلي، مَدَني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت بٹائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس .

## امامِ اهلسُنت ۽ مسجد جو ادب

رمضان جو برڪت ڀريو مهينو هو ۽ هِند جي تاريخي شهر بريلي شريف ۾ زوردار مينهن وسي رهيو هو، ٻيو تہ سيءُ بہ گهڻو هو، ماٺهو گرم ڪپڙا پائي ۽ گرم بسترن ۾ هئا پر اعليٰ حضرت،امامِ اهلسُنَّت، مُجدِّدِ دين و مِلّت، پروانہ شمع رسالت، مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فيضانِ رمضان مان فيضياب ٿيڻ جي لاءِ مسجد ۾ معتڪف هئا، هر لمحو ياد خدا ۽ ذڪر مصطفيٰ ۾ گذري رهيو هو، ماٺهو مغرب جي نماز پڙهي وجي چڪا هئا ۽ گهڙيال جو ڪانٽو عشاء جو وقت ويجهو ٿيڻ جي خبر ڏئي رهيو هو، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي نماز عشاء جي وضو جي ڳڻتي ٿي، پر اتي برسات جي ٿڌي پاڻي کان بچي وضو ڪرڻ جي ڪا جڳھ ميسر نہ هئي، مسجد ۾ ڪن تا تہ مسجد جو فرش مستعمل پاڻي سان آلو ٿي ويندو ۽ ٻاهر بہ نٿا وجي سگهن، هاڻي ڇا ڪن! پر جنهن کي الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي



www.dawateislami.net

دين جي لاءِ چوندبيندو آهي ان کي فهم وفراست سان نوازيندو آهي، پيڪرِ خوف وخَشيّت، سراپا اَدب ومحبّت، اعليٰ حضرت، امام اهلسُنَّت رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه هن مسئلي جو اهڙو تہ سهڻو حل ڪڍيو جو جنهن کي ڏسي هر مسجد جو ادب ڪرڻ وارو حيران ٿي ويندو، پاڻ رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه پنهنجي اوڍڻ يعني پائڻ واري سَوَڙ کي ويڙهي ٿلهو ڪيو ۽ ان تي ويهي وضو ڪيو ۽ سڄي رات ان سيءَ ۾ جاڳندي گذاري، پر وضو جي پاڻي جو هڪ ڦڙو بہ مسجد جي فرش تي ڪرڻ نہ ڏنو. (فيضانِ اعليٰ حضرت،باب عادات مبارکہ ومعمولات،ص۱۲۱، بتغير )

## مسجد جي ادب جون مختلف صورتون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل واقعي سان اندازو لڳايو تہ اعليٰ حضرت،امامِ اهلسُنَّت رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي دل ۾ مسجد جي ادب ۽ احترام جو ڪهڙو نہ جذبو هو جو برسات ۽ سخت سيءَ واري رات ۾ پاڻ تہ تڪليف برداشت ڪئي پر مسجد ۾ پاڻي جو هڪ ڦڙو بہ ڪرڻ نہ ڏنو، پر افسوس اسان جي معاشري ۾ وڏو تعداد اهڙو آهي جيڪو مسجد جي آداب کان بي خبر آهي، عام طور ماڻهو وضو ڪرڻ کان پوءِ مسجد جي فراسين ۽ فرش تي آلن پيرن جا نشان ڪندي، هٿن ۽ چهري تان پاڻي جي قطرا ڪرائيندا ويندا آهن، ياد رکو وضو وارن عضون مان پاڻي جا قطرا مسجد تي ڪرائڻ ناجائز ۽ گناهہ آهي. (بہارِ شريعت، ۶۴۷/۱) ائين رَمَضانُ المُبارڪ ۾ اعتڪاف ڪرڻ وارا کي ماڻهو مسجد جو احترام نہ ڪندي خوب ڪچهريون، ٺهڪ، پان، گٽڪا کائيندا آهن ۽ مسجد جي ڪنڊ ۾ ٿڪندا نظر ايندا آهن، ڪڏهن مسجد جي فراسين جا ڌاڳا بہ ڪڍندا آهن، اهڙي طرح مسجد جو تَقَدُّس پامال ٿيندو آهي، مسجد کي صاف سٿرو رکڻ جو تہ اللّٰه تَعاليٰ حڪم ارشاد فرمايو آهي جيئن سيپاري 1 سُوۡرَةُ الۡبَقَرَہ جي آيت نمبر 125 ۾ ارشاد آهي:



www.dawateislami.net

وَ عَهِدۡنَاۤ اِلٰۤى اِبۡرٰهٖمَ وَ اِسۡمٰعِيۡلَ اَنۡ طَهِّرَا بَيۡتِىَ لِلطَّآٮِٕفِيۡنَ وَالۡعٰكِفِيۡنَ وَالرُّكَّعِ السُّجُوۡدِ ﴿۱۲۵﴾
(پ۱،البقرة:۱۲۵)

ترجمو كنزالايمان: ۽ اسان ابراهيم ۽ اسماعيل (عَلَيْهِمَا السَّلَام) کي تاڪيد ڪيو تہ منهنجي گهر کي طواف ڪندڙن ۽ اعتڪاف وارن ۽ رڪوع (۽) سجدو ڪرڻ وارن لاءِ چڱيءَ طرح پاڪ ڪريو.

مُفَسِّرِ شَهير، حڪيمُ الأُمَّت مُفْتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه هن آيت سڳوريءَ جي تحت لکن ٿا : ان مان معلوم ٿيو تہ مسجدن کي پاڪ ۽ صاف رکيو وڃي، اتي گندگي ۽ بدبودار شيءِ نہ آندي وڃي.

(نور العرفان،پ ١، البقرة، تحت الآية:١٢٥)

مسجدوں کا کچھ ادب ہائے!نہ مجھ سے ہو سکا
ازطفيلِ مُصطفیٰ فرما اِلٰہی درگزر

(وسائلِ بخشش ص 637)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقيناً اها اسان سڀني جي ذميداري آهي تہ قرآني حڪم تي عمل ڪندي مسجدن کي هر طرح جي گندگين ۽ بدبودار شين کان بچائي صاف سٿرو رکون، حديثن مبارڪن ۾ اسان کي هن ڳالھ جو حڪم مليو آهي. حضرت سَيِّدُنا اَنَس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ حُضُورنبي رَحمت، شفيع امت صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ مسجدن ۾ گندگي، پيشاب ۽ پاخاني جهڙي ڪا شيءِ جائز ناهي، اهي مسجدون تہ تلاوت قرآن، اللّٰه تعاليٰ جي ذڪر ۽ نماز جي لاءِ آهن.

(مسند امام احمد،٣٨١/٤،حديث:١٢٩٨٣)

هڪ ٻئي هنڌ تي ارشاد فرمايو تہ مسجدون ناهيو۽ ان مان گرد وغبار ڪيو، جيڪو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لا مسجد ناهيندو، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ جنت ۾ هڪ گهر ناهيندو، هڪ شخص عرض ڪيو:



www.dawateislami.net

يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمچا مسجدون رستن تي ٺاهيون وڃن؟ اِرشاد فرمايو: ها ۽ ان مان گند ڪچرو صاف ڪرڻ حُورِعين جو مهر آهي. ( مجمع الزوائد،کتاب الصلوة ،باب بناء المسجد،۲ /۱۱۳،حديث: ۱۹۴۹) معلوم ٿيو تہ مسجد جي صفائي ڪرڻ نهايت عظيم الشان ۽ فضيلت وارو ڪم آهي، اچو هن باري ۾ هڪ روايت ٻڌون ٿا:

## مسجد جي صفائي تي انوکو انعام

حضرت سيدنا عُبَيد بن مَرزُوق رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ مديني شريف زَادَهَا اللهُ شَرَفًاوَّ تَعْظِيْمًا ۾ هڪ عورت مسجد جي صفائي ڪندي هئي، جڏهن ان جي وفات ٿي تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ان جي باري ۾ خبر نہ ڏني وئي، هڪ ڀيري حُضُورِ انور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جي قبر جي ويجهو کان گذرندي پڇا ڪئي تہ اها ڪنهن جي قبر آهي تہ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: اُمّ مِحجَنْ جي. "فرمايائون:" هي اها آهي جيڪا مسجد جي صفائي ڪندي هئي تہ صحابہ ڪرام عرض ڪيو، ”جي ها“ تہ پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ماڻهن کي ان جي قبر وٽ صف ٺاهڻ جو حڪم ڏنو ۽ ان جي جنازي نماز پڙهائي، پوءِ ان عورت سان مخاطب ٿيندي فرمايائون، تو ڪهڙو ڪم سڀ کان بهتر ڏٺو، صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُم عرض ڪيو، يارَسُول الله (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)! ڇا اها ٻڌي رهي آهي، ارشاد فرمايائون: توهان هن کان وڌيڪ ٻڌڻ وارا نہ آهيو، پوءِ رسول اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو تہ هن عورت منهنجي سوال جي جواب ۾ چيو: مسجد جي صفائي کي (مون سيني کان افضل عمل ڏٺو).

(الترغيب والتربيب ،کتاب الصلوة، الترغيب فى تنظيف المساجد وتطهيرها الخ ، رقم ۴ ، ج ۱، ص ۱۲۲)



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! مسجد سان محبت ڪرڻ ۽ ان جي صاف سٿرائي ۾ حصو وٺڻ ڪيڏو نہ پيارو عمل آهي ان جي برڪت سان ان عورت جي جنازي نماز اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ پڙهائي، هن واقعي کي ٻڌڻ کان پوءِ ٽن ڳالهين جي وضاحت بہ ٻڌي وٺو.

1. شريعت کي پردي جي حرمت جو بيحد لحاظ آهي، سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظاهري حياتي ۾ عورتون مسجد ۾ باجماعت نماز ادا ڪنديون هيون پوءِ زماني جي بدلجڻ جي ڪري عورتن کي مسجد ۾ حاضر ٿيڻ کان منع فرمايو ويو، فتاويٰ رضويہ ۾ آهي: امير المؤمنين فاروق اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ عورتن کي مسجد ۾ اچڻ کان منع ڪيو، اهي امُ المؤمنين حضرت سَيِّدَتُنَا عَائِشہ صِديقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا وٽ شڪايت ڪٺي ويون تہ (فاروق اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي تائيد ۾) جواب فرمايو: جيڪڏهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زماني ۾ بہ اها حالت (يعني خرابي واري) هجي ها تہ حضور (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) بہ عورتن کي مسجد ۾ اچڻ جي اجازت نہ ڏين ها. (فتاوٰی رضويہ مخرجہ ج۹ص ۵۴۹)

2. هن مبارڪ واقعي مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ الله عَزَّوَجَلَّ اسان جي پياري آقا مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اهو اختيار ڏنو آهي تہ اوهان جڏهن ۽ جنهن مڙدي سان چاهين ڳالهہ ڪري سگهن ٿا، ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ مُڙدا پڻ مخلوق جي ڳالهہ ٻڌڻ ۽ سمجهڻ جي صلاحيت رکندا آهن، مُفتي احمد يارخان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: زندگي ۾ ماڻهن جي ٻڌڻ جي طاقت مختلف هوندي آهي، ڪي ويجهو کان ٻڌندا آهن جيئن عام ماڻهو ۽ ڪي پري کان بہ ٻڌندا آهن جيئن پيغمبر ۽ ولي . ۽ مرڻ کان پوءِ اها طاقت وڌندي آهي گهٽبي ناهي، ان ڪري



www.dawateislami.net

عام مؤدن کي انهن جي قبرستان ۾ وجي سڏي سگهجي ٿو پري کان نہ ، پر انبياء ۽ اَولياء عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي پري کان بہ پڪاري سگهجي ٿو ڇوتہ اهي جڏهن زندگي ۾ پري کان ٻڌندا هئا تہ وفات کان پوءِ بہ ٻڌندا.

(علم القرآن ،ص۲۰۸)

.3 مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ولي اَقْرَب يعني ميّت جو سڀ کان ويجهو رشتيدار، جيڪڏهن جنازي نماز نہ پڙهي سگهي تہ ان کي قبر تي جنازو پڙهڻ جو اختيار آهي، جيئن بهارِ شريعت جلد اول صفحي 838 تي آهي: ولي کان علاوه ڪنهن اهڙي جنازي نماز پڙهائي جيڪو ولي تي مُقدم (افضل) نہ هجي ۽ ولي ان کي اجازت بہ نہ ڏني هجي، تہ جيڪڏهن ولي نماز ۾ شريڪ نہ ٿيو تہ نماز کي پڙهي سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن مؤدي کي دفن ڪيو ويو تہ قبر تي بہ نماز جنازه پڙهي سگهي ٿو ۽ اسان جي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي مبارڪ زماني ۾ تمام مسلمانن جا ولي اقرب هئا: اعليٰ حضرت، اِمام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه ارشادفرمائن ٿا : حُضُور سيّدِ عالَم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زماني ۾ تمام مسلمانن جا ولي اَحَق واَقدَم (سڀ کان وڏا مالڪ) پاڻ حُضُور پُرنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن. (پاڻ) رَسُولُ الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اِرشاد فرمائن ٿا: اَنَا اَوۡلٰى بِالۡمُؤۡمِنِيۡنَ مِنۡ اَنۡفُسِهِم يعني مان مسلمانن جي جانن جو وڌيڪ مالڪ آهيان. (مسلم،کتاب الفرائض ،باب ترک مالًافلو رثته،۱۶۱۹/۸۷۴) تہ جيڪو نمازِ جنازه حُضُور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اِطلاع ڏيڻ جي بنا ماڻهن پڙهيو، پوءِ حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي ٻيهر پڙهائڻ چاهين تہ ائين ٿي آهي جيئن ٻهرين جنازي نماز، ولي کان علاوه ڪنهن غير پڙهائي، ولي اَحَق ٻيهر اعاده ڪرڻ جو اختيار رکي ٿو.

(فتاوىٰ رضويہ، ۲۹۱/۹،ملخصاً)



www.dawateislami.net

ان ڪري سرڪار عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام اُمّ مِحجن رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جي قبر تي تشريف وٺي وڃي جنازي نماز ادا ڪئي ۽ جڏهن ان ڪان افضل عمل جي باري ۾ پڇيو ته انهن مسجد جي صفائي کي افضل عمل ٻڌايو.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي به مسجدن کي پاڪ ۽ صاف رکڻ گهرجي، ڇوته مسجد جي صفائي ڪرڻ وارو الله عَزَّوَجَلَّ جو محبوب هوندو آهي، حديث شريف ۾ آهي: "مَنْ اَلِفَ الْمَسجِدَ اَلِفَهُ اللّٰه" جيڪو مسجد سان مَحَبَّت ڪندو آهي، الله عَزَّوَجَلَّ ان کي پنهنجو محبوب ٺاهيندو آهي".

(مجمع الزوائد ،کتا ب الصلوة ، باب لزوم المساجد ، رقم ۲۰۳۱ ،ج ۲، ص ۱۳۵)

مسجد جي صفائي ڪرڻ وارا ۽ ان ۾ رهي الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ۽ رياضت ڪرڻ وارا وڏا خوش نصيب آهي، يقيناً مسجد الله عَزَّوَجَلَّ جي نهايت ئي پياري نعمت ۽ شيطان جي حملن ڪان بچڻ جي لاءِ زبردست رڪاوٽ آهي جيئن حضرتِ سيِّدُناعبدُ الرّحمٰن بن مَعقِل رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: اسان کي ٻڌايو ويندو هو ته اَلْمَسْجِدُ حِصْنٌ حَصِينٌ مِّنَ الشَّيْطٰن يعني مسجد شيطان ڪان بچڻ جي لاءِ هڪ مظبوط قلعو (ڪوٽ) آهي. (مُصَنَّف ابن اَبی شَیْبہ رقم ۴،ج۸ ص۱۷۲)

## مسجِد جي حيرت انگيز رونقون

پر افسوس صَد ڪروڙ افسوس! اڄوڪي زماني ۾ شيطان جي شر ڪان بچڻ جي مسجدن ۾عبادت ۽ تلاوت ڪرڻ وارا نهايت گهٽجي ويا آهن، بلڪ هاڻي ته مَعَاذَ الله عَزَّوَجَلَّ مسلمانن جي حالت ايتري ته خراب ٿيندي پئي وڃي جو نماز جي وقتن۾مسجدون ويران نظر پيون اچن، جڏهن ته چوڪ، بازار، سينيما گهر ۽ تفريحي مهاڳ تي رش نظر ايندو آهي، مؤذن ڏينهن ۾



www.dawateislami.net

پنج (5) پيرا حَیَّ عَلَی الْفَلَاحِ (اچو ڪاميابي ڏانهن) جي صدا لڳائي مسجد ۾ اچڻ جي دعوت ڏئي ٿو پر بدقسمتي سان اسان حاضري کان محروم رهندا آهيون، ان ڪري مسجدن جي ويراني تي خوب دل جلايو، امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي عطا ڪيل اسلامي ڀائرن جي لاءِ 72 مدني انعامات مان مدني انعام نمبر 2 تي عمل جي سٺي نيت سان پنهنجي گهروارن، پاڙي وارن ۽ رشتيدارن کي نماز جي ترغيب ڏئي مسجد ۾ وٺي اچو، زور شور سان "مسجد ڀريو تحريڪ" هلايو، ۽ هڪ هڪ بي نمازي تي انفرادي ڪوشش ڪري ان کي نمازي بڻايو ۽ ائين پنهنجي مسجدن جي حفاظت ٻه ڪيو، چوته جيڪو گهر پنهنجي رهڻ وارن سان آباد هجي ان تي ڪو قبضو نٿو ڪري سگهي، نه ته خالي گهر تي ڪوبه قبضو ڪري سگهي ٿو، مدني انعام نمبر 2 ڇا آهي؟ اچو هن کي به ڏيان سان ٻڌون ٿا:

**ڇا اڄ توهان پنج ئي نمازون مسجد جي پهرين صف ۾ تڪبير اُوليٰ سان باجماعت ادا فرمايون؟ ۽ هر ڀيري ڪنهن هڪ کي پاڻ سان گڏ مسجد وٺي وڃڻ جي ڪوشش فرمائي؟**

هن مدني انعام جي برڪت سان پاڻ کي به تڪبير اولي سان پهرين صف ۾ باجماعت نماز ادا ڪرڻ جي سعادت حاصل ٿيندي، ۽ ٻين کي به نماز جي دعوت ڏئي عظيم نيڪي جي دعوت ڏيڻ جي ذريعي ثواب جو وڏيڪ خزانو گڏ ڪرڻ جو موقعو پڻ ملندو. اِنْ شَآءَ اللہ عَزَّوَجَلَّ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ان مبارڪ دؤر کي به ياد ڪيو جو جڏهن رات ڏينهن مسجدون آباد هونديون هيون، ۽ نمازين جي رونق رهندي هئي، جيئن:

حُجَّة الِاسلام حضرت سيِّدُنا امام ابُو حامد مُحمّد بن مُحمّد بن مُحمّد



www.dawateislami.net

غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: نيڪ ماڻهو فڪر آخرت جي ڪري مسجدن ۾ ئي رهندا هئا ته جيئن جيترو وڌيڪ ٿي سگهي ان مختصر ترين زندگي جي مهلت مان فائدو ڪٽي آخرت جي ابدي (يعني هميشه واريون) نعمتون گڏ ڪيون، عبادت ڪرڻ وارن جي گهٽائي سبب مسجد جي ٻاهريان چوڪرا وغيره ڪائڻ پيئڻ جون شيون وڪڻندا هئا، ائين ڪائڻ پيئڻ واريون شيون به عبادت گذارن کي آساني سان ملي وينديون هيون. (ڪيميائے سعادت ج ١ ص ٣٣٩)

سُبْحٰنَ اللّٰـه عَزَّوَجَلَّ! اهو ڪيترو نه پاڪيزه دؤر هو جو مسجدن ۾ ڏينهن رات رونق هوندي هئي ۽ هاء! اڄ مسجدن جي ويراني ڏسي دل ٿي ڏکي . اي موت جو يقين رکڻ وارا اسلامي ڀائرو! جنهن کي ٿي سگهي اهو ڪسب حلال ۽ والدين ۽ اولاد وغيره جي سار سنڀار ۽ ٻيا حُقُوقُ العِباد ادا ڪرڻ کان پوءِ جيڪو وقت فارغ ملي ان کي ضرور ذڪر ۽ درود ، فڪر آخرت ۽ چڱي صُحبت ۾ گذارڻ جي ڪوشش ڪري.

ہوجائیں مَولا مسجدیں آباد سب کی سب
سب کو نمازی دے بنا یا رَبِّ مُصطفٰے

(وسائل بخشش،ص١٣١)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

حضرتِ سَيِّدُنا ابُو سَعِيد خُدْرِي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته تاجدارِ رسالت، شَهنشاه نُبوّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ،"جڏهن توهان مسجد ۾ڪثرت سان اچ وڃ ڪرڻ واري کي ڏسو ته ان جي ايمان جي گواهي ڏيو ڇوته الله عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو:



www.dawateislami.net

| ترجمو ڪنزالايمان: اللہ جُون مسجدُون تہ فقط اُھي ئِي آباد ڪندا آھِن جيڪِي اللہ ۽ قِيامَت تي اِيمان رکن (ٿا). | | إِنَّمَا يَعْمُرُ مَسَاجِدَ اللَّهِ مَنْ آمَنَ بِاللَّهِ وَالْيَوْمِ الْآخِرِ (پ ۱۰، التوبہ: ۱۸) |
|---|---|---|

(سنن ترمذی ، کتا ب الایمان ، با ب ماجا ء فی حرمۃ الصلوۃ ،رقم ۲۶۲۶ ،ج ۴، ص ۲۸۰)

مُفَسِّرِ شَھير، حڪيمُ الامَّت مُفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه تفسيرِ نعيمي ۾ فرمائن ٿا: خيال رھي تہ مسجد کي آباد ڪرڻ جون يارھن (11) صورتون آھن: (1) مسجد نھرائڻ (2) ان ۾ اضافو ڪرڻ (3) ان کي ڪشادھ ڪرڻ (4) ان جي مرمت ڪرڻ (5) ان ۾ فراسيون، فرش ۽ غاليچو وڇائڻ (6) ان ۾ رنگ روغن ڪرڻ (7) ان ۾ روشني ۽ زينت ڪرڻ (8) ان ۾ نماز ۽ تلاوت قرآن ڪرڻ (9) ان ۾ ديني مدرسو قائم ڪرڻ (10) ان ۾ داخل ٿيڻ، اتي اڪثر اچڻ وڃڻ رکڻ (11) اتي اذان ۽ تڪبير چوڻ، امامت ڪرڻ (تفسيرنعيمی، ج۱۰، ص۲۰۱) وڌيڪ فرمائن ٿا: مسجد ناھڻ واري يا ان کي آباد ڪرڻ يا اتي باجماعت نماز ادا ڪرڻ جو شوق صحيح مؤمن جي نشاني آھي، اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ اھڙن ماڻھن جو ايمان تي خاتمو ٿيندو. (تفسير نعيمی، ج۱۰،ص۲۰۴)

مسلماں ہے عطّاؔر تیری عطا سے
ہو ایمان پر خاتمہ یا الٰہی

(وسائل بخشش،ص۱۰۵)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مَسجدن جي آبادڪاري ۽ دعوت اسلامي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوھان! مسجد ۾ رھي ڪري باجماعت نماز ادا ڪرڻ، ذڪر اللہ ۽ علم دين سِکڻ سيکارڻ جي ذريعي ان کي آباد ڪرڻ



www.dawateislami.net

مؤمن جي نشاني آهي، اسان کي بہ پنهنجو قيمتي وقت فضول برباد ڪرڻ بدران وڌ کان وڌ مسجد ۾ گذارڻ گهرجي. اَلۡحَمۡدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغِ قرآن وسُنَّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي اسان کي اهڙا ڪيئي موقعا عطا ڪري ٿي جنهن ذريعي اسان پنهنجو گهڻو وقت مسجد ۾ گذاري سگهون ٿا ۽ وڏيڪ اهو جو علم دين جو وڏو خزانو بہ حاصل ڪري سگهون ٿا، مثال طور

(1) سڄي رَمَضانُ الْمُبارَڪ يا آخري عشري ۾ تربيتي اجتماعي اعتڪاف جي ترڪيب ٿيندي آهي، جنهن ۾ هزارين اسلامي ڀائرن کي فرض عُلُوم سکاريا ويندا آهن ۽ سنتن جي مطابق مدني تربيت ڪئي ويندي آهي.

(2) مدني قافلي جا مُسافر اسلامي ڀائر بہ مسجدن ۾ قيام ڪندا آهن ائين پنهنجو اڪثر وقت مسجد ۾ گذارڻ علم دين حاصل ڪرڻ جو موقعو ملي ويندو آهي .

(3) بعدِ فجر مدني حلقي جي ترڪيب ٿيندي آهي جنهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽي آيتون، ترجمهءِ ڪنزالايمان و تفسيرخزائن العرفان / تفسير نور العرفان يا تفسير صراط الجنان سان گڏ ٻڌايون وينديون آهن.

(4) مختلف نمازن کان پوءِ مدني درس يعني اميرِ اهلسنّت دَامَتۡ بَرَڪَاتُهُمُ الۡعَالِيَہ جي ڪتابن ۽ رسالن جي ذريعي مدني گل ڏنا ويندا آهن.

(5) دعوتِ اسلامي جي ڪن مدني مرڪزن (فيضانِ مدينہ) ۾”مدني تربيت گاهون“ موجود آهن، بنيادي ضرورياتِ دين، نماز جو عملي طريقو، مختلف موضوعن تي سنتون ۽ آداب سکڻ سيکارڻ جو عمل جاري



www.dawateislami.net

رهندو آهي، اوهان بہ مسجدن کي آباد ڪرڻ ۽ علم دين سکڻ سيکارڻ جي لاءِ هن عظيم ڪم ۾ شامل ٿي رحمتِ خُداوَندي جا حقدار بڻجي وڃو .

(6) مدرسة المدينہ بالغان جي ذريعي دُرست مخارج سان قرآنِ ڪريم پڙهڻ سيکاريو ويندو آهي ان جي برڪت سان بہ اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مسجدون آباد رهنديون آهن.

(7) اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ وقت بوقت مختلف ڪورسز (مثلاً 63 ڏينهن جو مدني تربيتي ڪورس، 41 ڏينهن جو مدني انعامات ومدني قافلہ ڪورس، ڪردار ساز12 ڏينهن جو مدني ڪورس) ۽ مختلف موقعن تي ٿيندڙ مدني مشورن ۽ تربيتي اجتماعن جي ذريعي ڪثير عاشقان رسول مسجدن کي آباد رکڻ جي سعادت حاصل ڪندا آهن.

## رِسالو مسجدن جا آداب جو تعارف:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مسجدن جي عنوان سان مسجدن جي باري ۾ هڪ عظيم الشان معلوماتي رسالو "مسجدن جا آداب" مڪتبة المدينہ تان شايع ٿيو آهي اهو رسالو شيخِ طريقت،اميرِ اهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَہ جي مدني مذاڪري جي روشني ۾ نئين مواد سان ڪافي اضافي سان ترتيب ڏنو ويو آهي، اهو رسالو مختلف سوالن تي نهايت ئي پياري ۽ احسن انداز ۾ امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَہ جي طرفان ڏنل جوابن جو انمول مدني گلدستو آهي، هن مدني گلدستي جا رنگ برنگي مدني گل مختلف خوشبوئون ڦهلائي رهيا آهن، هن رسالي ۾ ڏنل سوالن جون ڪيئي جهلڪيون پڙهو تا تہ جيئن هن عظيم الشان رسالي کي حاصل ڪرڻ، پاڻ



www.dawateislami.net

۾ مطالعو ڪرڻ ۽ بين تائين ۾ پهچائڻ جو مدني ذهن بڻجي: مثال طور ۞ مسجد ۾ ڪئي ماڻهو بيهي پنهنجي مجبوري ۽ بيماري وغيره بيان ڪري مدد جي اپيل ڪندا آهن جيڪڏهن اهي واقعي حقدار هجن ته ڇا انهن کي ڪجهه ڏئي سگهجي ٿو يا نه؟ ۞ ڇا مسجد ۾، مسجد، مدرسي يا ڪنهن حاجت مند مسلمان کي ڏيڻ لاءِ چندو نٿو ڪري سگهجي؟ ۞ ننڍا ننڍا ٻار مسجد ۾ ڊوڙندا ۽ گوڙ ڪندا آهن انهن جو ڏوهه ڪنهن تي آهي ۞ ائير فريشنر جي ذريعي خوشبو جو ڇرڪاءُ عام ٿئي پيو ان ۾ ڪو نقصان ته نه آهي ۞ ڪمري کي خوشبودار ڪرڻ جي لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي ۞ دعوت اسلامي جي مدني ماحول ۾ استقامت ڪيئن حاصل ٿي سگهندي ۞ جيڪي اسلامي ڀائر ناراض ٿي دعوت اسلامي جو مدني ڪم ڇڏي ڏنو هجي انهن کي ڪيئن ويجهو آڻجي ؟

## مسجد جي ادب جو خيال رکو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ جي گهرن کي آباد رکڻ انهن سان محبت ڪرڻ وڏي سعادت جي ڳالهه آهي پر مسجد جي ادب جو خيال رکڻ ۽ ان کي هر طرح جي ناپسنديده ۽ بدبودار شين کان بچائڻ به نهايت ضروري آهي۔

## مسجد ۾ ڪچو گوشت نه ڪٽي وڃو

صدرُالشَّريعه، بدرُالطَّريقه، علامه مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القَوِى فرمائن ٿا: ”مسجد ۾ ڪچي ٿوم ۽ ڪچو بصر کائڻ يا کائي ڪري وڃڻ جائز ناهي، جيستائين جو بوءِ باقي هجي ۽ اهو ئي حڪم هر ان شيءِ جو آهي جنهن ۾ بوءِ هجي جيئن گندنا (هي ٿوم وانگر هڪ سبزي



www.dawateislami.net

آهي) مُوري، ڪچو گوشت ۽ ڳاسليٽ، اها ماچيس جي تيلي جنهن جي رڳڙڻ سان بوءِ ڦهلجندي هجي، ريح خارج ڪرڻ وغيره وغيره. جنهن ڪي وات مان بدبوءِ اچڻ جي بيماري هجي يا ڪو بدبودار زخم هجي يا ڪا بدبودار دوا لڳائي هجي تہ جيستائين بوءِ ختم نہ ٿئي ان کي مسجد ۾ اچڻ جي ممانعت آهي. (بہارِ شريعت ج۱ص ۶۴۸)

## وات ۾ بدبو هجي تہ مسجد ۾ وڃڻ حرام آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ وات ۾ بدبو هجڻ جي صورت ۾ جيستائين بو ختم نہ ٿئي مسجد ۾ وڃڻ منع آهي.شيخِ طريقت، اميرِ اَهلسُنَّت، بانيِ دعوتِ اسلامي حضرتِ علامه مولانا ابُو بلال محمد الياس عطارقادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة هن باري ۾ مدني گل ارشاد فرمائن ٿا: ٻُڪ ڪان گهٽ کاڌو کائڻ جي عادت بڻايون، يعني اڃا خواهش باقي هجي تہ هٿ روڪي ڇڏيون. جيڪڏهن خوب پيٽ ڀري کائيندا رهيؤ، ۽ وقت بي وقت سيخ ڪباب، برگر، آلو ڇولا، پزّا، آئس ڪريم، ٺڏيون بوتلون وغيره کائيندا پيئندا رهيؤ انهي سبب پيٽ خراب ٿي ويو ۽ خدا نخواستہ **وات مان بدبوءِ** اچڻ جي بيماري لڳي وئي تہ سخت امتحان ۾ پئجي ويندو، ڇو تہ وات مان **بدبوءِ** اچي تہ مسجد ۾ داخل ٿيڻ **حرام** آهي، ايتري تائين جو جنهن وقت وات مان **بدبوءِ** اچي رهي هجي ان وقت باجماعت نماز پڙهڻ جي لاءِ بہ مسجد ۾ اچڻ گناهہ آهي. ڇو تہ فڪرِ آخرت جي گهٽتائيءَ سبب ماڻهن جي وڏي اڪثريت ۾ کاڌي جو حرص گهٽڻ ۽ اڄ ڪلهہ هر طرف ”فوڊ ڪلچر“ جو دؤر هلي رهيو آهي. هن سبب ڪان وڏو تعداد آهي جنهن جي وات مان **بدبوءِ** ايندي آهي. منهنجو ڪافي تجربو آهي تہ جڏهن ڪو وات ويجهو ڪري ڳالهہ ڪندو آهي تہ ان جي **وات جي بدبوءِ** جي سبب ساهہ روڪڻو پوندو



www.dawateislami.net

آهي. ڪڏهن نہ امام ۽ مؤذن کي بہ **وات مان بدبوءِ** اچڻ جو مرض ٿي ويندو آهي، ائين هجي تہ انهن کي موڪل وٺي علاج ڪرائڻ گهرجي ڇو تہ وات ۾ **بدبوءِ** هجڻ جي صورت ۾ مسجد جي اندر داخل ٿيڻ **حرام** آهي.

**افسوس!** بدبودار وات وارا ڪيترائي ماڻهو مَعاذَاللهعَزَّوَجَلَّ **مسجد جي** اندر معتڪف بہ ٿي ويندا آهن. رمضان المبارڪ ۾ ڪباب سموسا ۽ ٻيون تريل شيون ۽ قسم قسم جون سٽيپون غذائون کائڻ جي سبب وات جي بدبوءِ جي مريضن ۾ اضافو ٿي ويندو آهي، ان جو بهتر علاج هي آهي تہ سادي غذا اها بہ بُک کان گهٽ کائي ۽ هاضمو درست رکي. رُڳو وات جي ئي **بدبوءِ** نہ ، بلڪ هر قسم جي بدبوءِ کان مسجد کي بچائڻ **واجب** آهي.

تنهن ڪري مسجد جي آداب کي پيش نظر رکندي صاف سٿرو لباس پائي، خوشبو لڳائي مسجد ۾ حاضر ٿيڻ گهرجي، ٿورو غور ڪيو تہ جيڪڏهن اسان کي حڪمرانن، وزيرن، افسرن يا ڪنهن وڏي ماڻهو وٽ وڃڻو هجي تہ صاف سٿرو لباس پائيندا آهيون عمامو چادر صحيح ڪري خوشبو لڳائيندا آهيون پر مسجد ۾ وڃڻ جي لاءِ اهڙو اهتمام نہ ڪندا آهيون، جڏهن تہ الله عَزَّوَجَلَّ تہ سيني بادشاهن جو بادشاهہ آهي ان جي عظمت ۽ شان تہ سيني کان بلند آهي .

## سيِّدُنَا اِمَامِ اَعظَم جو قيمتي عِماموءِ لِباس

مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 517 صفحن تي مشتمل ڪتاب عمامہ کے فضائل صفحي 184 تي آهي حضرت سيّدُنا امامِ اَعظم ابُو حنيفہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ رات جي نماز جي لاءِ هڪ قيمتي لباس سبرايو هو، جنهن ۾ قميص، عمامو، چادر ۽ شلوار هئي، ان جي قيمت 1500 دِرهَم هئي، پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ



www.dawateislami.net

ان کي روزانو رات جي وقت پائيندا هئا ۽ ارشاد فرمائيندا هئا: اَلتَّزَيُّنُ لِلّٰهِ تَعَالٰى اَوْلٰى مِنَ التَّزَيُّنِ لِلنَّاسِ يعني الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ زينت اختيار ڪرڻ، ماڻهن جي لاءِ زينت اختيار ڪرڻ کان بهتر آهي. (تفسيرروح البيان ،پ ٨، الاعراف، تحت الآية: ٣١، ١٥۴/٣)

مسجِد جي حاضِري جي لاءِ زينت اختيار ڪرڻ جو ته الله عَزَّوَجَلَّ به حڪم ارشاد فرمايو آهي جيئن سيپاري 8 سُوْرَةُ الْاَعْرَاف آيت نمبر 31 ۾ ارشاد آهي:

يَا بَنِیْۤ اٰدَمَ خُذُوْا زِیْنَتَكُمْ عِنْدَ كُلِّ مَسْجِدٍ

ترجمو ڪنزالايمان: اي آدم جِي اولاد پنهنجي سِينگار کي وٺو، جڏهن مسجد ۾ وڃو.

## نَماز جي لاءِ عطر لڳائڻ مُستَحب آهي

صدرُالْاَ فاضِل حضرت علّامہ مولانا سيِّدمحمد نعيم الدّين مُراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هن آيت سڳوري تحت لکن ٿا: يعني لباسِ زينت ۽ هڪ قول هي آهي ته ڦڻي ڪرڻ، خوشبو لڳائڻ زينت ۾ داخل آهي ۽ سنت هي آهي ته انسان بهتر هَيئَت (يعني عُمده صُورت ۽ حالت) سان نماز جي لاءِ حاضر ٿئي، ڇوته نماز ۾ ربّ عَزَّوَجَلَّ سان مناجات آهي ته ان جي لاءِ زينت ڪرڻ، عطر لڳائڻ مُستَحب آهي. (خزائنُ العرفان ص٢٩١)

## مسجد ۾ ڳالهين جي بدبُو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن جي ذهن ۾ اهو خيال اچي ته مان پنج ئي وقت پاڪ صاف ٿي خوشبو لڳائي مسجد ۾ ويندو آهيان ۽ مسجد جي شين وغيره کي به خراب نہ ڪندو آهيان، ته اهڙي طرح



www.dawateislami.net

مان بدبو ڦهلائي مسجد جي بي ادبي کان بچي ويندو آهيان تہ جواب طور عرض آهي ضروري ناهي تہ ظاهري شين سان ئي مسجد ۾بدبو ڦهلجندي آهي بلڪ اڄ اسان جي اڪثريت اهڙي مرض ۾ ورتل آهي جنهن جو اسان کي احساس بہ ناهي ٿيندو ۽ اسان مسجدون ”بدبُودار“ ڪندا آهيون. هڪ روايت ۾ آهي تہ جيڪي ماڻهو غيبت ڪندا آهن ۽ جيڪي ماڻهو مسجد ۾ دنيا جون ڳالهيون ڪندا آهن انهن جي وات مان گندي بدبوءِ نڪرندي آهي جنهن سان فرشتا الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ شڪايت ڪندا آهن.

(فتاویٰ رضویہ مخرجہ ، ١٦/ ٣١٢)

هن روايت جي روشني ۾ اسان پنهنجو ۽ پنهنجي معاشري جو جائزو وٺون تہ ڇا اسان جي ذهن جي ڪنهن خاني ۾ ڪڏهن اها ڳالهہ آئي تہ مسجد ۾ غيبت ڪرڻ، مسجد ۾ دنياوي ڳالهيون ڪرڻ بہ وات مان گندي بدبو نڪرڻ جو سبب آهن؟ ڇا ڪڏهن اسان جو هن پاسي بہ ڌيان ويو تہ اسان کي مسجد ۾ فضول ڳالهائڻ نہ گهرجي؟ ياد رکو! مسجد جي تعمير جو مقصد ان ۾ دنياوي ڳالهيون ڪرڻ ناهي، بلڪ يادِ الٰهي ۾ مشغول رهڻ آهي، حديث شريف ۾ آهي: جنهن الله عَزَّوَجَلَّ جي داعي (يعني دعوت ڏيڻ واري) جي آواز تي لبيڪ چيو ۽ الله تعاليٰ جون مسجدون سنيون نهرايون، تہ ان جو بدلو الله تعاليٰ وٽ جنّت آهي.عرض ڪيو ويو: يارسول لله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مسجدن جي بهتر تعمير ڇا آهي؟ فرمايو: هن ۾ آواز بلند نہ ڪرڻ ۽ ڪا بيهوده ڳالهہ زبان مان نہ ڪڍڻ. (كنزالعمال،كتاب الصلاة،قسم الاقوال،٢٧٣/٧، حديث:٢٠٨٣٧) اسان جا بزرگ مسجد جي آدابن جو وڏو خيال رکندا ۽ مسجد ۾ دنيوي ڳالهيون ڪرڻ کي ناپسند ڪندا هئا.



www.dawateislami.net

## بي ادبن کي مسجد مان ڪڍي ڇڏيو!

حضرت سَيِّدُنا عيسٰي عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام انهن ماڻهن کي مسجد ۾ وڏيڪ ويهڻ کان منع ڪندا هئا جيڪي مسجد جي آدابن کان اڻ واقف هئا، هڪ ڀيري پاڻ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام مسجد ۾ ڪن ماڻهن کي ويٺل ڏٺو، جيڪي فضول ڳالهيون ڪري رهيا هئا تہ پاڻ پنهنجي چادر کي ويڙهي انهن کي ماريو ۽ اتان کان ڪڍي ڇڏيو ۽ فرمايو: توهان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي گهرن کي دنيا جي بازار ناهي رکيو آهي حالانڪ اهي تہ آخرت جا بازار آهن.

(تنبيهُ المغترين،الباب الثالث،ص۱۶۲)

حضرتِ سيّدُنا سائب بن يزيد رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائن ٿا، مان مسجد ۾ ليٽيل هئس تہ مون کي ڪنهن پٿري هنئي. مون ڏٺو تہ اهي حضرتِ سيّدُنا امير المُؤمنين عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ هئا. انهن مون کي فرمايو: ”وڃ ۽انهن ٻنهي شخصن کي مون وٽ وٺي اچو!“. مان انهن ٻنهي کي وٺي آيس. حضرتِ سيّدُنا عمر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ انهن کان پڇا فرمايو، ”توهان ڪهڙي شهر سان تعلق رکو ٿا ؟ عرض ڪيائون، طائف سان. فرمايائون، ”جيڪڏهن توهان مدينهءِ منوره جا رهڻ وارا هجو ها تہ مان توهان کي ضرور سزا ڏيان ها (ڇو تہ) توهان رسول اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مسجد ۾ پنهنجو آواز بلند ٿا ڪريو ! (بخاری،کتاب الصلٰوۃ،باب رفع الصوت فی المساجد،۱/۱۷۸،حديث۴۷۰)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! تورو غور ڪيو! هڪ پاسي تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جا نيڪ ٻانها آهن ۽ ٻئي پاسي اسان آهيون جو مسجدن جي آدابن کان بلڪل اڻ واقف آهيون، فضول ڳالهيون تہ رهيون، هڪ پاسي ڪڏهن ڪڏهن تہ ڪي ماڻهو مَعَاذَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ فحش گفتگو ڪندا آهن، هن قسم جي بي حرمتي عام طور مسجد ۾ نڪاح يا ٽيجهي وغيره جي محفل ۾ ٿيندي آهي، ڪي



www.dawateislami.net

ماڻھو تہ نڪاح جا معاملا يا قرآن پاڪ جي تلاوت ۾ مصروف ھوندا آھن ۽ ڪي ماڻھو ڪنھن ڪنڊ ۾ پنھنجي ڪچھري جي محفل سجائيندا آھن، پوءِ فُضُول ڳالھين، غيبتن، چُغْلين مذاق مسخري ۽ ٺھڪن جو اھڙو سلسلو شروع ٿيندو آھي جو اَلْاَمَان وَالْحَفِيْظ. خدارا ڪجھ خوف ڪيو! اسان جو طرزِ عمل اسان جي دنيا ۽ آخرت کي برباد ڪري سگھي ٿو، اھڙن ماڻھن جي خلاف مسجد پاڻ اللہ عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ فرياد ڪندي آھي، روايت آھي تہ ھڪ مسجد پنھنجي رب عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ شڪايت ڪرڻ ھلي تہ ماڻھو مون ۾ دنيا جون ڳالھيون ڪندا آھن. فرشتا ان کي مليا ۽ چوڻ لڳا اسين انھن کي ھلاڪ ڪرڻ لاءِ موڪليا ويا آھيون. (فتاوی رضویہ ج16 ص 312)

اچو! مسجد ۾ دنيوي ڳالھين ۽ مسجد ۾ کلڻ جي مذمت تي روايتون ٻڌون ٿا:

(1) ھڪ زمانو اھڙو ايندو جو ماڻھو مسجد ۾ دنيا جون ڳالھيون ڪندا تہ ان وقت انھن ماڻھن وٽ توھان نہ ويھو، اللہ عَزَّوَجَلَّ کي انھن ماڻھن جي ڪجھ پرواھ ناھي. (شعب الإيمان، باب في الصلٰوت، فصل المشي إلى المساجد، ٨٦/٣، حديث: ٢٩٦٢)

(2) مسجد ۾ دنياوي ڳالھ ٻولھ نيڪين کي ائين کائي ڇڏيندي آھي جيئن چوپايا گاھ کي کائيندا آھن. (اتحاف السادة المتقين،کتاب اسرارالصلوة ومهماتها،الباب الاول،٥٠/٣)

(3) مسجد ۾ کِلڻ قبر ۾ اونداھي (اَٽيندو) آھي."

( الجامع الصغير، فصل فی المحلی بأل من هذاالحرف،٣٢٢/١، حديث:٥٢٣١)

## مسجد ۾ موبائل فون جي گھنٽي بند رکو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! انھن سيني وعيدن کي پيشِ نظر رکندي پاڻ کي ھلاڪت کان بچايو ۽ مسجد جو ادب ڪندي انھي ڳالھ جو خيال رکو تہ



www.dawateislami.net

مسجد ۾ هلڻ مهل پيرن جوڙمڪ(يعني آواز) پيدا نہ ٿئي ۽ لٺ (WALKING STICK)، ڇٽي، هٿ جو پکو، چپل، ٿيلهو (BAG) ٿانوَ وغيره ڪا بہ شيء اهڙي طرح نہ رکو جو آواز پيدا ٿئي جيڪڏهن موبائل فون هجي تہ مسجد ۾ ان جي گهنٽي بہ بند رکو، افسوس! اڄڪلهہ ان جو احتياط تمام گهٽ ڪيو ويندو آهي ايستائين جو مسجد الحرام ۾ بہ اهو بہ عين خانہ ڪعبہ جي طواف ۾ ماڻهن جي موبائل فون جون گهنٽيون بلڪ مَعَاذَاللہ عَزَّوَجَلَّ ميوزيڪل ٽيونز (Musical Tunes) وڄنديون رهنديون آهن حالانڪ ميوزيڪل ٽيون تہ مسجد جي علاوه بہ ناجائز ۽ گناه آهي.( تہ مسجد ۾ تہ حڪم ويتر وڌيڪ سخت آهي.)

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻ بہ آهي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** سُنَّتن جي خدمت جي لاءِ دعوت اسلامي جي مدني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺو. ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم "مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ" بہ آهي، اَمِيرُالمؤمنين حضرت سَيِّدُنا عُمرفاروقِ اَعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا: مان ۽ منهنجو هڪ انصاري پاڙي وارو بَنُو اُمَيِّہ بن زيد (جي پاڙي) ۾ هئا سين، جيڪو مديني شريف جي بلندي تي هو اسان واري واري سان سرڪارِ والا تَبار،شفيع روزِ شُمار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي بارگاه ۾ حاضر ٿيندا هئاسين، هڪ ڏينهن اهي مديني شريف ويندا ۽ واپس موٽي ان ڏينهن جي وحي جو احوال مون کي ٻڌائيندا ۽ هڪ ڏينهن مان ويندو هئس ۽ موٽي ان ڏينهن جي وحي جي خبر جو حال ان کي ٻڌائيندو هئس. (صَحيح بُخاری ج ۱ ص۵۰حديث۸۹)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جيئن تہ اسان ٻڌو مدني قافلي ۾ سفر ڪري بہ مسجدن کي آباد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي مدني قافلي ۾



www.dawateislami.net

سفر ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪرڻ وارا عاشقان رسول نہ رڳو پاڻ مسجدن کي آباد ڪندا آهن، بلڪ ٻين مسلمانن کي بہ نيڪي جي دعوت جي ذريعي مسجدون آباد ڪرڻ جي ترغيب ڏيندا آهن، اچو تہ اسان بہ هٿو هٿ مدني قافلي ۾ سفر جي ذريعي الله عَزَّوَجَلَّ جي گهر ”مسجد“ کي آباد ڪرڻ جي نيت سان مدني قافلي ۾ سفر جي نيت ڪيون ٿا.

اسان کي بہ هر مهيني گهٽ مان گهٽ ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ ضرور سفر ڪرڻ گهرجي جتي اسان کي علم دين حاصل ڪرڻ جو موقعو ملندو اتي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو ثواب پڻ ملندو، مدني قافلي ۾ سفر جون گهڻيون برڪتون آهن، ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا.

## 19 سال پراڻو مرض ختم ٿي ويو

بابُ المدينہ (ڪراچي) جي علائقي ناظم آباد جي مقيم هڪ وڏي عمر جي اسلامي ڀاءُ مدني قافلي مان حاصل ٿيڻ وارين برڪتن جو ڪجهہ ائين تذڪرو ڪيو آهي تہ مان تقريباً 19 سالن کان ساهہ جي مرض ۾ مبتلا هئس، ڪڏهن تہ مرض جي شدت جي ڪري مون کي وڏيڪ تڪليف ٿيندي هئي، ڪڏهن آڌي رات جو طبعيت خراب ٿي ويندي هئي تہ انهي وقت ڊاڪٽر وٽ وڃڻو پوندو هو، مطلب تہ مان بيحد پريشان رهندو هئس، علاج معالجي ۾ ڪا گهٽتائي نہ ڪئي، هر ڏينهن اٽڪل 150 روپيا دوائن تي خرچ ٿيندا هئا، جنهن سان وقتي طور تي سڪون ملندو هو پر مون کي مستقل سڪون نہ مليو، هر وقت انهيءَ فڪر پريشاني ۾ رهندو هئس تہ ان مرض مان ڪيئن شفا ملندي منهنجي خوش قسمتي جو هڪ ڀيري دعوت اسلامي جي عاشقان رسول سان گڏ مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت حاصل ٿي، مدني قافلي جي برڪتن سان جتي منهنجا ڏينهن رات عبادت الهي ۾ گذريا ۽



www.dawateislami.net

علم دين حاصل ڪرڻ جو موقعو مليو اتي مون کي بيون برڪتون به نصيب ٿيون. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ انهن ٽن ڏينهن ۾ مون کي انجيڪشن جي حاجت پيش نه آئي نه ڪنهن ڊاڪٽر وٽ وڃڻو پيو بلڪ مدني قافلي ۾ اهڙو اطمينان ۽ سڪون مليو جو ان کان پهريان ڪڏهن نه مليو هو،

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدني قافلي جي برڪت سان منهنجي 19 سالن جي پراڻي مرض ۾ واضح ڪمي آئي، هاڻي مون نيّت ڪئي آهي ته اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ هر مهيني ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مسجد ۾ داخل ٿيڻ جي ممانعت

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** پاڳلن، ٻارن ۽ نشي ۾ مدهوش ماڻهن جو مسجد ۾ اچڻ به مسجد ۾ ٿيندڙ برائين مان آهي، ان سان به مسجد جو تقدس برباد ٿئي ٿو، شيخ طريقت، امير اهلسنت باني دعوتِ اسلامي حضرتِ علامه مولانا ابُوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة فيضانِ سُنَّت، جلداَوَّل، صفحي 1220 تي لکن ٿا:

اهڙو ٻار جنهن مان نجاست (پيشاب وغيره) جو خطرو هجي ۽ پاڳل کي مسجد جي اندر وٺي وڃڻ حرام آهي جيڪڏهن نجاست جو خطرو نه هجي ته مڪروه. (ردالمحتار،٢/ ٥١٨) صفحي1221 تي فرمائن ٿا: ٻار يا پاڳل (يا بيهوش يا جنهن تي جِنّ آيو هجي ان) کي دم ڪرائڻ جي لاءِ به مسجد ۾ وٺي وڃڻ جي شريعت ۾ اجازت ناهي. ننڍي ٻار کي چگّيءَ طرح ڪپڙي ۾ ويڙهي بلڪ ”پيڪنگ“ ڪري به نه ٿا آڻي سگهو.



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اِحترامِ مسجِد جي حوالي سان فيضانِ سُنَّت (جلداوّل) صَفحَي 1202 تا 1207 تي بيان ڪيل مدني گلن مان ڪي گل قبول فرمائي پنهنجي دل جي مدني گلدستي ۾ سجائي ڇڏيو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جون برڪتون نصيب ٿينديون:

(1) **مسجد** جي اندر ڪنهن قسم جو گند ڪچرو هرگز نہ اڇلايو، سيّدُنا شيخ عبدالحق مُحَدّث دِهلوي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُاللّٰهِ الۡقَوِی "جذبُ القلوب" ۾ نقل ڪن ٿا تہ مسجد ۾جيڪڏهن خَس (يعني معمولي ڪک يا ذرو) بہ اڇليو وڃي تہ ان سان مسجد کي ايتريقدر تڪليف پهچندي آهي جيتريقدر تڪليف انسان کي پنهنجي اک ۾ ڪک (يعني معمولي ذرو) پئجي وڃڻ سان ٿيندي آهي. (جذب القلوب ص 257)

(2) **مسجد** جي ديوار، ان جي فرش، تڏي يا فراسيءَ جي مٿان ۽ ان جي هيٺان ٿوڪڻ، نڪ سٽڪڻ، نڪ يا ڪن مان گند ڪيي لڳائڻ، مسجد جي فراسيءَ يا تڏيءَ مان ڌاڳو يا تيلو وغيره ڪيڻ سڀ منع آهي.

(3) **ضرورت** جي وقت پنهنجي رومال وغيره سان نڪ صاف ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي.

(4) **مسجد** جو ڪچرو ٻُهاري اهڙي جاءِ تي نہ اڇلايو جتي بي ادبي ٿئي.

(5) **جُتيون** لاهي مسجد ۾ ساڻ کڻي وڃڻ چاهيو تہ مٽي وغيره ٻاهر ڇنڊي ونو. جيڪڏهن پيرن جي تِرين ۾ مٽيءَ جا ذرا لڳل هجن تہ پنهنجي رومال وغيره سان اگهي پوءِ مسجد ۾ داخل ٿيو.

(6) مسجد جي وضو خاني تي وضو ڪرڻ ڪان پوءِ پير وضو خاني تي ئي



www.dawateislami.net

چگّيءَ طرح خشڪ ڪري ڇڏيو. آلا پير ڪٽي هلڻ سان مسجد جو فرش گندو ۽ فراسيون ميريون ۽ خراب ٿي وينديون آهن.

(7) مسجد جي هڪ درجي کان ٻئي درجي ۾ داخل ٿيڻ وقت (مثال طور اڱڻ ۾ داخل ٿيو تڏهن ﺑـ ۽ اڱڻ کان اندرئين حصي ۾ وڃو تڏهن ﺑـ) ساڄو پير وڌايو وڃي ايستائين جو جيڪڏهن صف وڇايل هجي ان تي ﺑـ ساڄو پير رکو ۽ جڏهن اتان کان هٽو تڏهن ﺑـ ساڄو پير مسجد جي فرش تي رکو (يعني ايندي ويندي هر وڇايل صف تي پهريان ساڄو پير رکو) يا خطيب جڏهن منبر تي وڃڻ جو ارادو ڪري . پهريان ساڄو پير رکي ۽ لهي تہ (ﺑـ) ساڄو پير لاهي.

(8) **مسجد** ۾ جيڪڏهن نِڇ اچي تہ ڪوشش ڪريو آهستي آواز نڪري اهڙيءَ طرح ڪنگهہ ﺑـ. سرڪارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مسجد ۾ زور سان نِڇ ڏيڻ کي ناپسند فرمائيندا هئا. اهڙي طرح اوڳرائيءَ کي ﺑـ ضبط ڪرڻ گهرجي ۽ نہ ٿئي تہ وس آهر آواز کي ضبط ڪيو وڃي جيتوڻيڪ مسجد کان ٻاهر ڇو نہ هجو. خصوصي طور تي مجلس ۾ يا ڪنهن مُعَظم (يعني بزرگ) جي سامهون بي تهذيبي آهي. حديث ۾ آهي،"هڪ شخص دربار اقدس صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۾ اوڳرائي ڏني پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايائون: "اسان کان پنهنجي اوڳرائيءَ کي پري رکو جو دنيا ۾ جيڪي گهڻي مدت تائين پيٽ ڀريندا آهن اهي قيامت جي ڏينهن گهڻي عرصي تائين بُکايل رهندا." (شرح السنة ج 7 ص 294 حديث 2944) ۽ اوٻاسيءَ ۾ آواز ڪٿي ﺑـ نہ ڪڍڻ گهرجي. جيتوڻيڪ مسجد کان ٻاهر اڪيلا هجو ڇو تہ هي شيطان جو ٺهڪ آهي. جڏهن اوٻاسي اچي تہ جيترو ٿي سگهي وات بند رکو. وات کولڻ سان شيطان وات ۾ ٿُڪ



www.dawateislami.net

اچلائيندو آهي. جيڪڏهن ائين نہ رڪجي تہ مٿين ڏندن سان هيٺين چپ کي دٻائي ڇڏيو ۽ اهڙيءَ طرح بہ نہ رڪجي تہ جيترو ٿي سگهي وات گهٽ کوليو ۽ کابي هٿ جو پويون پاسو وات تي رکي ڇڏيو.جيئن تہ اوٻاسي شيطان جي طرف کان آهي ۽ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ان کان محفوظ آهن. انهيءَ ڪري اوٻاسي اچي تہ هي تصوُّر ڪريو تہ انبياءِ ڪِرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي اوٻاسي نہ ايندي هئي. اِن شآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جلدي رڪجي ويندي. (ردالمحتار ج 2 ص 413)

(9) **مسخري** هونئن ئي ممنوع آهي ۽ مسجد ۾ سخت ناجائز.

(10) مسجد ۾ حَدَث (يعني ريح خارج ڪرڻ) منع آهي .

(11) **قبلي** جي طرف پير ڦهلائڻ تہ هر جڳهہ تي منع آهي. مسجد ۾ ڪنهن طرف نہ ڦهلايو جو هي دربار جي آداب جي خلاف آهي. حضرت ابراهيم بن ادهم رَحْمَةُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْه مسجد ۾ اڪيلا ويٺا هئا. پير ڦهلائي ڇڏيائون. مسجد جي ڪنڊ مان هاتف آواز ڏنو. ”ابراهيم! بادشاهن جي حضور ۾ ائين ويهبو آهي؟“ جلدي پير سوڙها ڪري ڇڏيائون ۽ اهڙا سوڙها ڪري ڇڏيائون جو انتقال جي وقت ئي ڦهليا. (ننڍن ٻارن کي بہ پيار ڪرڻ، کڻڻ، سمهارڻ وقت احتياط ڪريو جو انهن جا پير قبلي جي طرف نہ ٿين. پائخانو ڪرائڻ وقت بہ ضروري آهي تہ ان جو رخ قبلي جي طرف نہ هجي. )

(12) **استعمال ٿيل** جُتيون مسجد ۾ پائي وڃڻ گستاخي ۽ بي ادبي آهي.

الٰہی کرم بہرِ شاہِ عَرَب ہو
ہمیں مَسجِدوں کا مُیَسَّر ادب ہو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** واقعي مسجد جي آداب جو مُعامَلو گهڻو نازڪ آهي، ان ڪري وڏيڪ احتياط جي ضرورت آهي، ڪٿي ائين نہ ٿئي جو ٿوري بي احتياطي جي ڪري اسان مسجد جا حق ضايع ڪيون، شيخِ طريقت، اَميرِ اهلسُنَّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابُو بلال محمدالياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَة مسجد جي آدابن جو نهايت خيال ڪندا هئا، هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي تہ هڪ ڀيري شيخِ طريقت، امير اهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَة مسجد ۾ داخل ٿيڻ کان پهريان جتي لاهي ٻنهي ڪي ڪپڙن سان صاف ڪيائون ۽ پوءِ مسجد ۾ داخل ٿيا، مدني مذاڪري ۾ ان جو سبب بيان ڪندي ارشاد فرمايائون: مسجد ۾ داخل ٿيڻ وقت ڪپڙي سان پنهنجا پير صاف ڪندو آهيان تہ جيئن مٽي جو ڪو ذرو مسجد ۾ نہ وڃي، وڏيڪ فرمائن ٿا: مان سنت تي عمل ڪرڻ جي نيت سان ڏاڙهي ۽ پروئن تي بہ تيل لڳائيندو آهيان پر ان کي خوب چڱي طرح صاف ڪندو آهيان تہ جيئن ان تيل جي سٽپ سان مسجد جو فرش آلوده نہ ٿئي".

اَميرِ اهلسُنَّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَة اڪثر جيب ۾ شاپر رکندا آهن ۽ مسجد جي فرش تي ڪريل وار ۽ ذرات وغيره ڪٺي ان ۾ وجهندا رهندا آهن ۽ ڪڏهن گهڻا شاپر رکندا آهن جيڪي ٻين اسلامي ڀائرن کي ترغيب ڏياري تحفي ۾ پيش ڪندا هئا ۽ اهڙي طرح مسجد جي ذرن کي ڪٺڻ جو ذهن ناهيندا آهن، مسجد جي آداب بابت وڏيڪ معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ شيخِ طريقت ،امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَة جو رسالو مسجدون خُوشبو دار رکو مڪتبة المدينہ تان هديو ڏئي حاصل ڪري پاڻ بہ مطالعو ڪيو ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ توفيق مطابق تحفي ۾ پيش ڪيو، دعوت اسلامي جي ويب سائٹ www.dawateislami.net تان هن رسالي کي پڙهي



www.dawateislami.net

(Read) بہ سگھجي تو ۽ ڈائون لوڊ (Download) بہ ڪري سگھجي ٿو ۽ پرنٽ آوٽ (Print Out) بہ ڪري سگھجي ٿو.

## مجلس خُدَّامُ المساجد جو تَعارُف:

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** مَسجدن جي اهميت ۽ ادب واحترام دل ۾ وڌائڻ جي لاءِ، باجماعت نماز جي عادت بڻائڻ، سنتن تي عمل جو جذبو پائڻ، نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ، مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻ، مدني انعامات تي عمل ڪرڻ ۽ ٻين کي ترغيب ڏيارڻ جو ذهن ڏيڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ دين جي ڪمن ۾ ترقي جيترو ٿي سگھي، دعوت اسلامي سان تعاون ڪيو. دعوت اسلامي اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪم و بيش 100 شعبن ۾ مدني ڪم ڪري رهي آهي، انهن مان هڪ شعبو خدام المساجد بہ آهي، هن شعبي جو قيام شيخ طريقت، اميرِ اَهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَہ جي هن خواب جي تڪميل آهي تہ اي ڪاش! اسان جون مسجدون آباد ٿي وڃن، انهن جون رونقون موٽي اچن ۽ نفس و شيطان جي ڪري مخلوق جيڪا پنهنجي خالق عَزَّوَجَلَّ کان پري ٿي آهي ويجهو ٿي وڃي.

مجلس ’’خُدَّامُ الْمَسَاجِد‘‘ پراڻين مَسجِدن کي آباد ڪرڻ جي ڪوشش سان گڏوگڏ نئين مسجدن جي تعمير جي لاءِ بہ ڪوشش ڪندي رهندي آهي، هن حوالي سان مسجدن جي تعمير وغيره جو سلسلو ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ جاري رهندو آهي، جن علائقن يا شهرن۾ مسجن جي ضرورت هوندي آهي، مَجلس خدّامُ المساجد جا ذميدار اتي جي علائقي يا شهر يا ڪابينہ جي مشاورت جي نگران جي ذريعي دارالافتاءاهلسنَّت کان شرعي رهنمائي وٺي جڳھ (Plot) حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۽ مالدار ماڻهن کان تعمير جي ترڪيب ڪندا آهن.



www.dawateislami.net

## بيان جو خلاصو

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اج جي بيان ۾ اسان مسجد کي پاڪ ۽ صاف رکڻ ان جو اَدب واحترام ڪرڻ بابت اسلاف ڪرام جا واقعات ٻڌا.

❖ اعليٰ حضرت،امامِ اهلسُنَّت، مُجدِّدِ دين و مِلّت، پروانہ شمع رسالت، مولانا شاه امام احمدرضا خان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جو مسجد جي نرالي ادب واحترام وارو ايمان افروز واقعو ٻڌوسين.

❖ مسجد جي صفائي تي مديني شريف جي عورت کي اهڙو انعام مليو جو سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جي قبر تي تشريف کڻي ان جي جنازي نماز پڙهي.

❖ مسجد ۾ ڪثرت سان آمد ورفت رکڻ واري خوشنصيب جي باري ۾ حديث شريف ۾ ارشاد فرمايو ويو تہ ان جي ايمان جي شاهدي ڏيو.

❖ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي مختلف مدني ڪمن جي ذريعي بہ مسجدن کي آباد رکڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي.

❖ مسجد ۾ فُضُول ڳالهيون، کلڻ، کڻڻ، گوڙ شور ڪرڻ، بدبودار شيون کڻي اچڻ يا پاڻ جسم يا وات ۾ بدبو هئڻ باوجود اچڻ، موبائل فون جي گهنٽي يا ميوزڪل ٽيون وڄائڻ ۽ خريد وفروخت وغيره سڀئي ڪم منع ۽ مسجد جي آدبن جي خلاف آهن .

❖ جيڪڏهن ماضي ۾ اسان بہ اهڙي ڀُل ڪري چڪا آهيو تہ پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ جي بارگاه ۾ شرمسار ٿي توبہ ڪيون ۽ آئنده انهن برائين کان بچڻ جي ڪوشش بہ ڪيون، الله اسان کي عمل جي توفيق عطا فرماءِ.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاھِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منھنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.

(مِشْكاةُ الْمَصابِيح ،ج١ ص٥٥ حديث ١٧٥)

سينہ تری سُنّت کا مدینہ بنے آقا
جَنَّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ”خاموش رهو“ جي اَٺ اکرن جي نسبت سان ڳالھ ٻولھ ڪرڻ جا 8 مدني گل

(1) فرمانِ مُصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪو چُپ رهيون ان نجات حاصل ڪئي. (سُنَنُ التِّرمِذِیّ ج٤ ص٢٢٥ حديث ٢٥٠٩) (2) مسڪرائي ۽ خوش اخلاقيءَ سان ڳالھ ٻولھ ڪيو (3) مسلمانن جي دلجوئي جي نيّت سان ننڍن سان شفقت وارو ۽ وڏن سان ادب وارو لهجو اختيار ڪيو اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ثواب حاصل ڪرڻ سان گڏوگڏ ٻنهي وٽ توهان معزز رهندؤ، وڏي آواز سان ڳالهائڻ جيئن اڄڪلھ دوست پاڻ ۾ بي تڪلفي سان ڳالهائيندا آهن، اهو سنّت نہ آهي (4) ڪٽي هڪ ڏينهن جو ٻار هجي سنين سنين نيتن سان ان سان بہ اوهان توهان سان گفتگو ڪرڻ جي عادت بڻايو، اوهان جا اخلاق بہ اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ عمدا ٿيندا ۽ ٻار بہ آدب سکندو (5) ڳالھ ٻولھ ڪرڻ وقت پردي جي جاءِ تي



www.dawateislami.net

هٿ لڳائڻ، آڱرين سان بدن تان مير لاھڻ، ٻين جي سامهون بار بار نڪ کي هٿ لڳائڻ، يا نڪ يا ڪن ۾ آڱر وجهڻ، ٿُڪ اڇلائڻ سني ڳالهه ناهي ان سان ٻين کي ڪراهت محسوس ٿيندي آهي (6) جيستائين ٻيو ڳالهائي رهيو هجي تہ اطمينان سان ٻُڌو، ان جي ڳالهه ڪٽي پنهنجي ڳالهه شروع ڪرڻ سنّت ناهي (7) ڳالهه ٻولهه ڪندي بلڪ ڪنهن بہ حالت ۾ ٿهڪ نہ ڏيو ڇوتہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن بہ ٿهڪ نہ ڏنو (8) گهڻو ڳالهائڻ ۽ هر هر ٿهڪ ڏيڻ سان رعب ختم ٿي ويندو آهي.

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينہ جا شايع ٿيل بہ ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 (304 صفحا) ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڑهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

لوٹنے رَحمتیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو

سیکھنے سنتیں قافلے میں چلو
ختم ہوں شامتیں قافِلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري
# اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.(1)

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.(2)

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65



www.dawateislami.net

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِى ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف ڪي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[4]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[5]

---

[3] ...القول البديع، الباب الثانى، ص277،

[4] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[5] ...القول البديع، الباب الاول، ص125



www.dawateislami.net

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ یَوْمَ الْقِیَامَةِ

شافع امم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[6]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

### (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَیِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَاللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[7]

### (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِیْمُ الْکَرِیْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِیْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

---

[6] … الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[7] … مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net